ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

# وسيم سومري جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو

TECHNICAL AND PHILOSOPHICAL ANALYSIS OF WASEEM SOOMRO'S POETRY

1. ڊاڪٽر ڦلُو 'سندر' ميگهواڙ 2. ڊاڪٽر امير علي شاهه 3. ڊاڪٽر برڪت علي ڏاهري4. بختاور چنا
**Dr. Phuloo `Sunder` Meghwar[1], Dr. Amir Ali Shah[2], Dr. Barkat Ali Dahri[3], Ms. Bakhtawar Channa[4]**

**Abstract:**

*This paper delves into Waseem Soomro's poetry's technical and philosophical dimensions, an influential contemporary voice in modern literature. The study explores how Soomro's work navigates the intersection of tradition and modernity through a detailed analysis of his poetic structure, language use, and stylistic innovations. The technical analysis emphasizes the poet's mastery of form, meter, and rhyme, revealing how these elements enhance the thematic depth of his poetry. On the philosophical front, the paper examines the critical literary theories, trends, and movements, like the Progressivism, Cultural Heritage and Identity, Nationalism, Resistance, Romanticism Existentialism, Modernism, Feminism, Metaphysical, and Socio-Political themes that pervade Soomro's verses, offering insights into his reflections on the human condition, identity, and the search for meaning in a rapidly changing world. By synthesizing these technical and philosophical perspectives, the study aims to comprehensively understand Waseem Soomro's poetic contribution and its significance in the broader context of contemporary Sindhi literature.*

***Keywords:***

Waseem Soomro, Sindhi, Sindhi Literature, Sindhi Modern Poetry, Progressivism, Nationalism, Romanticism, Modernism

**شاعري جي وصف ۽ اهميت تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي، ان ۾ ڪڏهن صرف فن کي شاعريءَ جو بنياد، ته ڪڏهن فڪر کي سماجي ڪارج لاءِ اهميت ڏني وئي. شاعري فن ۽ فڪر جي ارتقا جا مرحلا طئي ڪندي، اڄ جنهن نهج تي پهتي آهي، اتي نقادن سڪي جا ٻئي پاسا اهم قرار ڏنا آهن. اڄ جي تنقيدي اصولن ۽ ماڻ ماپن جي حوالي سان ڪنهن شاعريءَ جو فن يا فڪر مان ڪوبہ پاسو ڪمزور هوندو تہ اهڙي شاعريءَ جٽاءُ حاصل ڪري نہ سگهندي. شاعري جيتري فني لحاظ کان مضبوط هجي ايترو ئي فڪري لحاظ کان بہ مضبوط هجڻ گهرجي. شاعر جو وِژن (Vision) زمان ۽ مڪان کان آجو هجڻ گهرجي، هن کي پنهنجي شاعريءَ جي فني پختگي، ۽ فڪر جي سماجي ڪارج جو ادراڪ هئڻ گهرجي. شاعري نہ صرف پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي حظ، سڪون، خوشي يا مزو مهيا ڪري، بلڪ حال جي سماجي، سياسي، معاشي، نفسياتي حالتن جي عڪاسي ڪري، ۽ مُستقبل لاءِ روشن راهون پڻ هموار ڪري.**

---

[1] Dr. Meghwar is Assistant Professor at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh.

[2] Dr. Shah is Assistant Professor at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh.

[3] Dr. Dahri is Lecturer at Government College of Education, FB Area, Block 15, Karachi, Sindh.

[4] Ms. Channa is student in Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh.

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

جنهن تي قومون صدين تائين سفر جاري رکي سگهن ۽ پنهنجي ٻولي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي جي حفاظت ڪنديون رهن.

سنڌي ٻولي وڏڀاڳي آهي، جو ان ۾ اساسي، ڪلاسيڪي، ۽ جديد شاعريءَ جي ميدانن ۾ سوين شاعر پيدا ٿيا، جن جي ڪلام جون فني توڙي پاڙون نہ صرف سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن، بلڪ اهي عالمي ادب سان پڻ ڪلهي گسائي ڪن ٿيون. جديد سنڌي شاعري جي ميدان ۾ ڪشچند عزيز کان شيخ اياز ۽ موجوده دور جي شاعري تائين جو هڪ ڊگهو سفر آهي، جنهن ۾ ڪيترائي اعلىٰ پائي جا وڏا نالا آهن. انهن مان وسيم سومرو پڻ هڪ آهي. جيڪو سنڌي ٻولي جو سيبتو تخليقڪار، جنهن وٽ خيال سندس من جي وسڪاري جي مينهن ڪٽين جيان وسندا آهن، جيڪي نہ صرف شاعر جي اندر کي باغ بهار بڻائن ٿا، بلڪ خارجي ماحول کي پڻ معطر ڪن ٿا. فني پختگي، حالتن جي عڪاسي، ٻوليءَ جي سلاست، فصاحت ۽ بلاغت پڻ ڪمال جي. سماجي جي سياسي، معاشي ۽ نفسياتي حالتن جا ڀرپور عڪس... سچ تہ سنڌي ٻوليءَ ڀاڳن ڀري آهي، جو وسيم سومرو جهڙا شاعر پنهنجي تخيل سان آبياري ڪري رهيا آهن.

”نئين ٽهيءَ جي نالياري شاعر وسيم سومري جو اصل نالو محمد خان ولد محمد حسن سومرو آهي. سندس جنم 16 نومبر 1963ع تي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. سندس تعليم، ايم.اي سنڌي ۽ ايم.ايڊ آهي. 1984ع کان تعليم کاتي ۾ استاد طور پنهنجا فرض نڀائي رهيو آهي. هن لکڻ جي شروعات 1978ع کان ڪئي. جڏهن پاڻ اجان نائين درجي ۾ پڙهندو هو. هن ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون بہ لکيا آهن. پر ادب ۾ سندس اصل سڃاڻپ شاعري آهي. سندس شاعريءَ ۾ وطن دوستيءَ ۽ رومانيت جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي. هن شاعريءَ ۾ ٻولي عام فهم ۽ تشبيهون ۽ استعارا نهايت موزون استعمال ڪيا آهن. سندس شاعريءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾: (1) ياد جي نيري ندي (1996ع)، (2) سچ جي چانڊي (1997ع) ۽) 3 (پاٽي (هائڪن تي مشتمل ڪتاب: 2005ع) شامل آهن. وسيم سومري کي مختلف علمي ۽ ادبي تنظيمن ۽ ادارن کان ڪيترائي مڃتا طور اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره مليل آهن. وسيم سومري کي ڪتاب 'ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان' جي مهاڳ ۾ شيخ اياز غزل جو پختو شاعر قرار ڏيندي، سندس شاعريءَ جي ساراهہ ڪئي آهي.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا)

تخليقي ادب جي حوالي سان قول ۽ فعل جو سوال اڀرندو رهيو آهي. ڪيترن ئي شاعرن ۽ افسانوي ادب جي تخليقڪارن جي تخليق جا تجلا هڪڙا تہ سندس شخصي روپ ٻيو نظر ايندو آهي. توڙي جو نقادن وٽ اهو بہ نُقط نظر رهيو آهي، تہ ڪنهن بہ تخليقڪار کي سندس ذاتي زندگي جي معاملن جي ساهمي ۾ تورڻ يا تڪڻ بجاءِ سندس فنپارن ۾ ڏسڻ گهرجي. پر وسيم اسان جو خوبصورت شاعر وسيم سومرو جهڙو شاعريءَ ۾ تهڙو ئي شخصي روپ ۾. ”وسيم سومرو سرموڙ شاعر آهي. جنهن جي عملي زندگيءَ واري سادگي، سونهن ۽ نزاڪت جڏهن سندس شاعريءَ ۾ ليئا پائي ٿي تہ زندگيءَ کي نيون معنائون ملن ٿيون. بنيادي طور منهنجي نظر ۾ هو رومينٽڪ شاعر (Romantic Poet)آهي. سونهن ۽ پيار جا بي پناهہ چشما هن جي شاعري جي لفظ لفظ مان ڦٽي نڪرن ٿا. اياز جي لفظن ۾ هن جي شاعري " تراني جيان آهي" جا ٽر جي گيتن وانگر ڳائي سگهجي ٿي ۽ منجهس اهڙي بي پناهہ رواني آهي، جيڪا انگريزي شاعر شيلي جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿي. هي سهڻو جوان شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪنهن وڏي سفر تي نڪتل آهي. هن جا جذبا ۽ خيال ڦولاريل ڪيت جيان پکڙيا پيا آهن. هن پيار جي پرچار سان گڏ پنهنجي شاعريءَ ۾ وطن دوست جي حيثيت سان سنڌ جي سينڌ سنوارڻ مادر وطن جي ٻانڪن کي سجاڳ ڪرڻ جا بہ ڏس ڏنا آهن، هو اها بهتر تبديلي شاعريءَ جي انقلاب ذريعي آڻڻ چاهي ٿو. چيني چوڻي آهي تہ " تمام وڏي جبل تي چڙهڻ لاءِ قدم سنيالي ۽ آهستي کڻڻ گهرجن. وسيم بہ شاعريءَ جي ڪوهِ هماليہ تي قدم سنيالي سنيالي کڻي ٿو. هن جي شاعريءَ جي پرڪشش آئيني ۾ انسان ذات جي سک، سهج ۽ آزاديءَ جا خواب چٽيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿا.“ (نوناري، 2001ع، ص، 184) سندس نماڻن نيڻن ۽ رنگن سان پيار ڪندڙ دل جو عڪس ڪيڏو نہ چٽو پسي سگهجي ٿو.

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

صبح جا خواب نيٽن جي جواني،
محبت جو فصل رنگين آهي.
رڳو منهنجي ڀڪن ۾ رنگ ناهن،
ستارن جي به ول رنگين آهي.
رات وڻ اوٽ مان ڪنهن لاءِ تڪي پئي راهون،
دور منظر ۾ نظارن جي روشني آهي.

طارق عالم ابڙو سندس شاعري ۾ سندس شخصي روپ جي شاهدي ڏيندي، سندس شاعراڻي فني ڪمال بابت لکي ٿو ته، ’’وسيم جي شاعري، سندس چهري جهڙي مٽيادار آهي، سندس شاعريءَ جو لهجو، سندس لهجي وانگر درد ڀريو هئڻ سان گڏوگڏ چٽو ۽ سرل آهي. هن جي شاعري جي مجموعي کي ڪتاب به کولي پڙهي، شاعريءَ جو ڀرپور لطف ماڻي سگهجي ٿو. هو نه فقط چئن موسمن جو شاعر آهي، پر هو احساس ۽ خيال جو به شاعر آهي. وسيم سنڌ جي واهڻ ۽ شهر ۾ لهندڙ ۽ اڀرندڙ سورج، ٿر ۾ پهاڙ تي ٿهوڪندڙ مورن جا لئينڊ اسڪيپ تخليق ڪندڙ مصور شاعر آهي.

صبح جي جهونگار، رستن جو سفر،
جڻ ته لهرن جي رواني ٿي لڳي .
يا
هو سکر شهر جي بلبن جي روشني آهي،
يا سنڌو! تنهنجن ڪنارن جي روشني آهي .
يا
مٿان هُو مور ڳائن تا هوا ۾،
ويو ٻنجي جبل رنگين آهي .

وسيم نه فقط ظاهري حُسن جو مصور آهي پر انساني احساسن جو مصور به آهي. جنهن لفظن جي رنگن سان سنڌ جي عام انسان جا ايبسٽريڪٽ، سئمي ايبسٽريڪٽ ۽ فوٽوگرافڪ اميجز شاعراڻي ڏاهپ سان پينٽ ڪيا آهن.

درد خوشين جا دشمن چوڙيون ٿي نه سگهيا،
نيٽ وجي چوٽيءَ جي ور تائين پهتا.
يا
جڻ پَرين جو آستانو آ منجهس،
جڻ ته ٻڙ جي ڇانوَ ناني ٿي لڳي.
يا
جوت مزدور تي ڇٽيندو آهي،
چنڊ جي ڪا ڀڳهار ڪونهي ڪا .
يا
ننڊ مان آڪاس جاڳيو هو جڏهن،
ٿيا وطن جا واهه سُرمائي هئا.

شاعريءَ ۾ تشبيهه ۽ استعارا اهم حيثيت رکن ٿا. وسيم جي شاعريءَ ۾ هڪ اُتم تشبيهه ۽ استعارو موجود آهي.

صبح جا خواب نيٽن جي جواني،

محبت جو فصل رنگين آهي.
يا
رڳو منهنجي ٻڪن ۾ رنگ ناهن،
ستارن جي ٻه ول رنگين آهي.
يا
رات وڻ اوٽ مان ڪنهن لاءِ تڪي پئي راهون،
دور منظر ۾ نظارن جي روشني آهي.
يا
لڳي ٿو چڻ ڪکر جا برج آهن،
ڪنپارڻ ايئن رکيو آهي دکين کي.
يا
پيا پنل تارا چمن جڳ جو اکيون،
مُند بارش جي سهاني ٿي لڳي.

وسيم جي سڀ ڪان وڏي سڃاڻپ اها آهي ته، هو شاعر ۽ فقط شاعر آهي.'' (ابڙو، 2001ع، ص، 175-176)

تمام گهڻ شاعرن کي نوجواني واري الهڙ وهي ۾ شاعري جي ديوي پنهنجي هنج ۾ پيار ۽ پاٻوهه سان ويهاريندي آهي. سندس شاعريءَ جي هڪ نظم جا ڪجھ بند هن طرح هئا. جيڪي سورنهن سالن جي ڄمار ۾ لکيل هئا، تن بابت خاڪي جويو لکي ٿو ته، ''سندس شاعريءَ جو انداز، اسلوب ۽ لهجو اهڙو ئي جو، جهڙو هن وقت آهي. ان وقت جي سندس شاعريءَ جي هڪ نظم جا ڪجھ بند هن طرح هئا:

"۽ هر روز هن جا هي مهٽا ٻڌي،
اکين تي ٻه ڳوڙها تري ٿا اچن،
سي ڳوڙها ٻه چپ چاپ پي ٿي وڃان،
مان ڪنهن کي ٻڌايان،
امڙ موڪلائڻ مهل،
هي ڳوڙها ڪي مونکي ڏنا ڏاج ۾ ها". (جويو، 2001ع، ص، 170)

يا

نگاهون نينهن ۾ پرپور آهن،
جوانيءَ جي نشي جو بور آهن.

۽ ان ئي غزل جو آخري بند آهي:

جتي برسات بنجي عشق برسيو،
اُهي سڀ شهر ٿيا مشهور آهن.

وسيم جي شاعري خوبين بابت وشال امير لکي ٿو ته،''شاعري اها جيڪا ڪنهن خوبصورت وينگس جي جوڀن جيان جوان جماڻ لڳي، ۽ دلين جي گهراين ۾ پيهي وڃي. شاعري اها جيڪا اداس ۽ اوجاڳيل نيڻن جا ٿڪ لاهي، انهن جو پنهنجو خواب ٻڻجي وڃي. اهڙي ئي شاعري تاريخ ۾ جيئري رهندي آهي. سنڌ جي اهڙي خوبصورت شاعري سرجيندڙن جي هڪڙي ڪڙي وسيم سومرو آهي. هي ذات ڏٺي جنهن مٿان شاعريءَ جي ديوي نهايت مهربان رهي آهي.وسيم جي شاعريءَ ۾ تمام گهڻي انفراديت آهي. رومانيت، موسيقيت ۽ جماليات ان جا اهم جزا آهن.وسيم

سومري جي شاعري سنڌ جو خوبصورت خواب آهي، ۽ اهو اسان سڀني جو پنهنجو خواب آهي.“ (امير، 2000ع، ص، 4)

وسيم سومري جي شاعراڻي فني ڪمال بابت صفدر ڪلهوڙو لکي ٿو ته، ”سنڌي ٻولي جو سيبتو تخليقار جنهن وٽ خيال سندس من جي چٽ تي پکين جيان لهندا آهن . ۽ هو انهن جي پالنا نهايت نفاست سان ڪري ڄاڻي . پيارو وسيم سنڌي ٻوليءَ جو البيلو شاعر آهي انوکو شاعر آهي ۽ يقينن هڪ برجستو حوالو آهي . وسيم سنڌ ڌرتيءَ جو ياڳ آهي . وسيم سومري جي سنڌي ادب ۾ ، اسڪول آف ٿاٽ واري حيثيت آهي . سائين گلزار جي بقول ته وسيم سومرو اسانجو رهنما شاعر آهي. اي سنڌي ادب جا ليجنڊ تخليقار ۽ فطرت جا بادشاه شاعر دل جون لهرون ۽ ياد جي نيري ندي جا سرموڙ سرجڻهار، سنڌي ادب جي وارثي اوهان کي سونهين ٿي.

شل جڳن تائين جيئين
جنم جون مبارڪون پرين
ڳاڙها ٻير ڳٽول
هوندا ها ڪنهن مند ۾ .

هوا جي ڊنڍ ۾ ڪلنڊڙ ڪنول جي نون نون گلن وانگر وسيم سومري جي شاعري ٻڌنڙ ڇڻن لاءِ هڪ اهڙو جادوئي ڪڄندڙ پير جو آواز آهي، جنهن کي ٻڌي هر ڌڙڪندڙ دل، پنهنجو رخ اُن ڏانهن ڪري ٿي ڇڏي. مون وسيم سومري کي ۽ سندس شاعريءَ " ياد جي نيري ندي" جي حوالي سان دريافت ڪندي جڏهن ڏٺم ته لفظ ۽ معني، رنگ ۽ نور سان گڏ جذبن جو هڪ هوش اُڏاريندڙ طلسم منهنجي سامهون هو، ڪومل ڪومل سندر جذبن کي جنهن دلڪش انداز ۾ شاعراڻو روپ ڏنو ويو آهي، اهو نہ صرف قابل ڌيان پر جاذب نظر پڻ آهي. پورن اٽپورن سپنن جي واديءَ مان وهي نڪرندڙ" ياد جي نيري ندي" جو تخليقڪار وسيم سُومرو پنهنجي سوچن جي اعتبار کان بہ هڪ مها ڪوي ۽ هڪ زنده فڪر دانشور جي روپ ۾ پنهنجو درشن ڪرائيندي نظر اچي ٿو. پنهنجي آهنگ، پنهنجي لهجي ۽ آواز ۾ هو روايتي سنڌي شاعريءَ کان بنهہ مختلف آهي. هو نئين ۽ جديد شاعريءَ جي رستي تي گامزن آهي.

هو ته لوسڻ پر مٿس ڦهليل ڦليون،
واڱڻائي رنگ جون ڏاڍو وڻيون.

شيخ اياز کان وٺي امداد حسيني ۽ اياز گل تائين پنهنجي قدآور هم عصر شاعرن جي وچ ۾ نظر ايندڙ وسيم سومرو هر لحاظ کان هڪ مڪمل ۽ جينيس شاعر آهي. شاعريءَ جو نئون ڪتاب " دل جون لهرون" پنهنجي اميجز ۽ ڊڪشن جي اعتبار کان هڪ نئون سنگ ميل ثابت ٿيندو ۽ بلاشبہ جديد سنڌي شاعريءَ جي هڪ نئين دشا متعارف ڪرائيندو. وسيم سومرو غزل جو انتهائي پختو شاعر آهي. انهيءَ ڳالهہ جي ساک سندس هر غزل جو هر بند ڏئي ٿو. “ (ڪلهوڙو، 2000ع)

درد جو پاڻ سامان ميڙي وٺون
قافلو جيستائين قطارون ٺئي.
نند مان اٿ ته اوپر جي آجيان ڪريون،
ايئن نه ٿي سج اپري مياروڻ ٺئي.
قيد رسمن جا هي ڪوٽ ڪارا مٿي،
پيار پنهنجو پکين جون اڏارون ٺئي.
وس پنهنجي منجهان وڪ ٻاهر نه ٿي،
وقت مهري اٺن جون مهارون ٺئي.
اي وسيم آس آ رات جي پنڌ ۾،

اپ جاڳي چُنيءَ جــون سِتارون ٿئي.

’’وسيم جي شاعري مونکي ڏيمي ۽ مانيٽي مزاج واري لڳندي آهي جا آهستي آهستي انساني جذبن کي ڇُهندي ويندي آهي ائين جيئن سنڌيءَ جي هڪ وڏي شاعر نارائڻ شيام جي شاعري لڳندي آهي.‘‘ (جويو، 2001ع، ص، 171)

يا وري هڪ ٻئي غزل جا ڪجهه بند ملاخظ فرمايو:

درد مونکي ڏئي خوشيون منهنجون ڪٽي ٿو،
هــي ڪــري ٿــو شهر ڪاروبار مون سان.
تون ڇڏين ويڙهـــي سيئي تڪرار پنهنجا،
جي ڏسين هــي ساهه جو تـڪرار مون سان.
هــو اگـر آهـــي اڪين جـــي دائري ۾
هي وسيم آهـــي سڄو جنسار مون سان.

’’هوا جي ڍنڍ ۾ ڪلنڊڙ ڪنول جي نون نون گلن وانگر وسيم سومري جي شاعري ٻڌندڙ ڄڻن لاءِ هڪ اهڙو جادوئي ڪڄندڙ پير جو آواز آهي، جنهن کي ٻڌي هر ڌڙڪندڙ دل، پنهنجو رخ اُن ڏانهن ڪري ٿي ڇڏي. مون وسيم سومري کي ۽ سندس شاعريءَ " ياد جي نيري ندي" جي حوالي سان دريافت ڪندي جڏهن ڏٺم تہ لفظ ۽ معني، رنگ ۽ نور سان گڏ جذبن جو هڪ هوش اُڏاريندڙ طلسم منهنجي سامهون هو، ڪومل ڪومل سندر جذبن کي جنهن دلڪش انداز ۾ شاعراڻو روپ ڏنو ويو آهي، اهو نہ صرف قابل ڌيان پر جاذب نظر پڻ آهي. پورن اٽپورن سپنن جي واديءَ مان وهي نڪرندڙ" ياد جي نيري ندي" جو تخليقڪار وسيم سُومرو پنهنجي سوچن جي اعتبار کان بہ هڪ مها ڪوي ۽ هڪ زنده فڪر دانشور جي روپ ۾ پنهنجو درشن ڪرائيندي نظر اچي ٿو. پنهنجي آهنگ، پنهنجي لهجي ۽ آواز ۾ هو روايتي سنڌي شاعريءَ کان بنهہ مختلف آهي. هو نئين ۽ جديد شاعريءَ جي رستي تي گامزن آهي. شيخ اياز کان وٺي امداد حسيني ۽ اياز گل تائين پنهنجي قدآور هم عصر شاعرن جي وچ ۾ نظر ايندڙ وسيم سومرو هر لحاظ کان هڪ مڪمل ۽ جينيس شاعر آهي.‘‘ (ضياء، 2001ع، ص، 178)

سندس غزل ۾ انساني جسماني سونهن ۽ ان سان سلهاڙيل جذبن سان، ڌرتيءَ جي سينگار وڻن، ٻُوٽن، گلن، ۽ پکين جو اونو ۽ انهن سان پيار پڻ آهي.

وڻ هجن ساوا منجهن پياريون پکين ٻوليون هجن،
ڇــو پـــلا ٻيلا ســدائيــن ڏيهہ جا ٻرندڙ هجن.
مـــان نه تاڙو ٿـــي تنواريان پيار ۾ چارئي پهر،
ساهه منهنجا جي پرين تو کان سوا سرندڙ هجن.
پيو وسيم آئــون ڏســان شل امن جا اڏندڙ پکي،
جنگ جا ڪارا ڪڪر هـــر ديس تان ٽرندڙ هجن.

’’جيئن عشق ۽ مشڪ لڪڻ جا ڪونہ هوندا آهن تيئن جوانيءَ جو نشو ۽ نگاهن جو نينهن بہ لڪي ۽ ڇپي نہ ٿا سگهن ۽ اها عجيب ۽ نرالي نوعيت هوندي آهي عشق جيڪو ڪنهن فرد سان ۽ محبوب سان بہ ٿي سگهي ٿو، وطن ۽ قوم سان بہ ٿي سگهي ٿو پر جڏهن اهو عشق پنهنجي جوانيءَ ۾ پير پائي ٿو، تہ تخليق جو عظيم سرچشمو ٿي پئي ٿو ۽ اهو تخليق جو سرچشمو وسيم وٽ بہ آهي وسيم عشق بہ ڪيو آهي ۽ تخليق بہ ڪئي آهي. امر عشق اهو ٿئي ٿو جيڪو تخليق جو سبب ٿئي ٿو.‘‘ (جويو، 2001ع، ص، 172)

سومري صاحب جي شاعريءَ ۾ فطري سونهن، محبوب جي خوبصورتي ۽ پيار، ۽ ڌرتيءَ جي مهڪ ايئن هڪ ٻئي سان ٻڪيل آهن جو انهن کي الڳ ئي نٿو ڪري سگهجي.

منهنجي ڳل تــي هن جي ڳل جي خوشبو هئي،
هـــن جــي ڳالهين ۾ صندل جي خوشبو هئي.
مينهن وســڻ کان پهرين مينهن وسڻ کان پوءِ،
مٽيءَ مـهـکيبل سنڌوءَ جل جي خوشبو هئي.

''وسيم سنڌي ٻوليءَ جو انهن ٿورن نوجوان شاعرن منجهان آهي، جن جي شاعريءَ جي شفاف آرسيءَ ۾ سنڌ پنهنجو سدا جوان چهرو پسي مرڪندي ۽ پڙندي آهي.'' (ابڙو، 2001ع، ص، 175)

منهنجو پنهنجو وسيم رستو آ،
منهنجي پويان قطار ڪانهي ڪا.

مصطفيٰ ارباب ڪيس مخاطب ٿيندي لکي ٿو ته، ''اوهان جي لهجي ۾ اميجينيشن ۽ نواڻ جا منفرد انداز شاعريءَ ۾ ملندا آهن جو سنڌ جا ڳوٺ ماڻهو، عورتون ۽ محبوبا جو تصور اهڙي حقيقي انداز ۾ ظاهر ٿيندو آهي جو اهو سڀ ڪجهه ان شاعريءَ کان ٻاهر غير حقيقي لڳندو آهي، تنهن ڪري اسين وري وسيم سومري جي شاعريءَ جي ڪائنات ۾ داخل ٿي اصل حقيقت سان متعارف ٿيندا آهيون. (ارباب، 2001ع، ص، 185)

سندس شاعريءَ جي نزاڪت، نفاست، ٻوليءَ جي سلاست، سادگي ڪيترن ئي رنگن ڪي جنم ڏئي ٿي، جيڪي خوبصورت عڪس اپارن ٿا. ''هن وقت وسيم سومري جي شاعري جا رنگ نازڪ نازڪ ۽ اجرا اجرا آهن، جيڪو به سرجڻ چاهي آسانيءَ سان سرجي رهيو آهي، هن وقت تائين لڳ ڀڳ شاعريءَ جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، جنهن به صنف ۾ هن لکيو آهي اهو ڪمال لکيو اٿس، هر صنف ۾ هن جو پنهنجو بلڪل به الڳ ئي رنگ آهي، سندس شاعريءَ ۾ لفظن جو استعمال وڏي مهارت سان ڪيل هوندو آهي، ڀرپور رنگن سان لفظن جو رچاءُ هن جي ڪاميابي جو پکو ۽ چٽو ثبوت آهي، وسيم سومري جي شاعري هر پڙهندڙ جي روح ڪي پاڪيزگي ۽ تازگي ارپيندڙ هوندي آهي، سندس شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ سرتي توڙي ٻين رنگن جا به ڪيترائي عڪس چٽيل آهن، هن جي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل ٻولي، فن فڪر ڀرپور ۽ سگهارو هوندو آهي.'' (مجيب سنڌي، هفتيوار، ڪاڃوٺ اخبار، نواب شاهه)

واٽون واجهائي پئي، جوين جهڙي ذات
مون کي ماري ٿي ميان! تارن روپي رات

''سرجيندڙ جي شخصيت جي سُڌ سندس رچنائن مان پوندي آهي، رچنائون پڙهڻ ويل اُن جي سرجڻهار جو سارو خاڪو مَن مارڳ تي تري ايندو آهي ۽ پوءِ جنهن ويل انهيءَ سرجڻهار سان مُکا ميلو ٿيندو آهي ته من تي اُڀري آيل اُهو خاڪو هوبهو ساڳيو لڳندو آهي. مان جڏهن وسيم کي ڏٺي بنا سندس رچنائون پڙهيون هيون ۽ جو خاڪو جوڙيو هئم، مَن تي سو ساڳيو، هوبهو ڪيس ملڻ کان پوءِ پسيو هو. وسيم جي شخصيت ها سندس رچنائن وانگيان ڪينجهر جهڙي وشال شانت ڀڪندڙ ۽ مهڪندڙ ڪارونجهر جي ڪور تي مورن جي ٿهوڪن سمان باک جي سماءُ وانگي سياري جي ڪنهن روپي شام جهڙي ٺڏي چٽي صاف اڇي ۽ اُجري بند ڪمري جي دريءَ مان چندرما جي ڏيک وانگيان لطيف جي متي ميڙي تي ڪراڙ جي ڪناري ڳايل گيتن جهڙي! هتي وسيم جون رچنائون سونهن جو سماءُ آهن ۽ سونهن هن سنسار جو سڀ کان وڏو سچ... سچ جنهن مان پيار ڦُٽي ٿو ۽ پيار جيڪو ساري سنسار ڪي هلائي پيو، جيڪو ڪلهه اڄ ۽ سڀان ڏکي انسانيت ۽ مظلوم ڌرتين جو آڇيو رهيو آهي ۽ رهندو! اُهو ئي پيار جيڪو سوچ سرت ۽ ساڃاهه جو سرچشمو آهي، جهرڻو آهي! جوت آهي جيوت آهي.'' (نثار حسيني، 1989ع)

حسيني سائين اڳتي لکن ٿا ته، ''اسان جو سهڻو سرجڻهار ڪوي وسيم پاڻ سان سونهن جو سنيهو کڻي پيرين پيادو سنڌ ڌرتيءَ جي واٽن تي نڪري پيو آهي، سنڌ جنهن جي مڙني واٽن تي وقت جا واسينگ ڪر ڪنيون ويٺا آهن. جتي وک وک تي ڪنڊا ۽ ڪاوا اُيا آهن، جتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ انياءُ جي آگ آهي، اُتي اسان جي هن ويچاري واٽهڙو

وٽ پنهنجي جهول ۾ فقط گلن جهڙا گيت آهن! نه بم آهن نه گولا آهن، نه نعرا آهن نه نياڻ! وسيم وٽ جيڪڏهن ڪجهه آهي ته:

سرلا گيت سهاءُ لاءِ، چٽنگائي ڪئي چيئي
ڪريون پار اپار ڪي!
سانديينداسين ساهه سان، ڪيسين ٻڙڪ ٻيئي
هٿين هٿ ڏيئي، ڪريون پار اپار ڪي.

وسيم ڪي سُڌ آهي:

ايندي ايندي برڪا ايندي
ڏس ڏين تا
ڪارونجهر تي
ايندي ايندي برڪا ايندي

پيار جي سُپر پاور پڪيءَ جا پار وسيم هيئن ٿو ٻُڌائي:

رات جي ريت جا ڪڙا لاهي
پرهه جو نيٽ پيچرو ٿو لهي
پيار پنهنجو ٻه چڻ پکي آهي
هير جي هنج سان ٻکيو ٿو رهي

وسيم وقت کي چڱيءَ طرح سُڃاڻي ٿو:

وقت وهندو ٿو وڃي واريءَ جيئن
تو ڪڏهن سوچ ڪئي آ سرتا:

هُو لوچ لاءِ للڪاري ٿو، پر جهيڙي نموني سان پيار واري انداز سان نه ڪي مزاحمتي انداز سان:

جيوتا لاءِ ڪنهن به چاريءَ جيئن
تو ڪڏهن لوچ ڪئي آ سرتا.

غلاميءَ جي ننڊ ۾ نهوڙيل ماڻهوءَ کي جاڳائڻ لاءِ وسيم وٽ هيءُ سونهن جو سنيهو آهي:

باک جو رنگ تون پسي نه سگهئين
ماڪ وانگر ته تون وسي نه سگهئين
هاڻ تو سج چڙهي، ڪول اکيون
هاڻ تو سج چڙهي، ڪول اکيون
ڪول اکيون

پلا اهڙين سندر سوچن رکندڙ سهڻي سرجڻهار جي جذبن ۽ احساسن کي نه مڃڻ اُن جو انڪاري ٿيڻ ڪٿان جي ۽ ڪهڙي ساڃهه آهي:

سُرت ۽ سوچ ملي تي جنهن کان
ان جي جذبن جو ڪڏهن موت نه تي
ڪنهن جي اکين جي جهڪي جوت نه تي
اُن جي جذبن جو ڪڏهن موت نه تي.'' (نثار حسيني، 1989ع)

وسيم سومري جي تخليق جي فني ۽ فڪري خوبين ۽ عظمتن جي هڪ ڊگهي قطار آهي، وسيم ٻالڪپڻ کان ئي شاعري سان نيائيندو آيو آهي. ''وسيم سومرو جنهن جو ٻاروتڻ ڪنهن عظيم سنگ تراش جي ان مورت جهڙو

رهيو آهي جنهن مورت کي ناهڻ کان پوءِ خود ان ئي سنگ تراش پنهنجا هٿ وڍائي ڇڏڻ جو سوچيو هجي ۽ ان بعد ڪا ٻي صورت نه جوڙي هجي. وسيم سومرو ته اڄ به ڪنهن عظيم سنگ تراش جي مورت کان گهٽ ناهي، جنهن جي ناهي هن پنهنجا هٿ وڍائي ڇڏڻ جو سوچيو هجي... وسيم سومري وٽ اعليٰ پايي جي شاعراڻي ذات جي عظمت آهي. ذات جيڪا رسٽي محبوبا ۽ ترڪٽي مڇي وانگر ٿيئي ٿي. ان ذات جي ذات کي ريجهائي رکڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. پر وسيم پنهنجي مستقل مزاجي ۽ شعري رياضت سان ذات جي ذات پنهنجي همعصر اردو شاعر فهيم شناس ڪاظمي جي غزل جي هينئين بند شعر وانگر آڱرين ننهن تي پئي نچايو آهي .

يہ ڪائنات ميري انگليون په ناچتي هي،
مجهي ستارو ڪي زير اثر نهين رهنا.

۽ وسيم سومرو جيڪڏهن ستارن جي اثر هيٺ رهي ها ته اڄ هو جديد سنڌي شاعري ۾ نئين ٿهي جي حوالي سان آڱرين تي ڳڻپ ۾ ايندڙ چند سريلن شاعرن جي بجاءِ ياد ڪرڻ جي باوجود به ياد نه ايندڙ شاعرن جي گهڻ ۽ گوڙ ۾ گم هجي ها. پر اها وسيم سومرو جي ڪماليت آهي جو هن پاڻ کي شاعرن جي طويل سلسلي ۾ به نمايان ۽ ڇٽو ڪري آڏو آڻي بيهاريو آهي وسيم وسيم آهي ۽ وسيم پنهنجي دور جو منفرد، بابلند ۽ يگانو آواز آهي اهڙو سهڻو، مٺو رسيلو ۽ ڇٽو آواز جنهن جي پنهنجي سڃاڻپ آهي ۽ جنهن جو پنهنجو معيار ۽ ماپو آهي.'' (معشوق ڏاريجو، 2022ع)

تخليق آسمان جو بلندين تائين ايئن ئي رات پيٽ ۾ نٿي پهچي، تمام گهڻي محنت، رياضت ۽ پورهيو ڪرڻو ٿو پوي، وقت ڏيڻو ٿو پوي، بلڪ پنهنجي دل جي رت سان آبياري ڪرڻي ٿي پوي. ''وسيم سومري جي شاعري وسيم جي همعصر توڙي وسيم کان سنيئر شاعرن کان اعليٰ ۽ مٿانهين پد/ درجي کي پهچڻ جي لاءِ سالن جي سچائي محنت ۽ محبت درڪار هوندي آهي. وسيم پنهنجي ٻاروتڻ کان وٺي جيئن ئي شاعري جي ڇيچ پڪڙي آهي ته هن ان ڇيچ مان پنهنجو هٿ ڪڏهن به ڍرو ناهي ڪيو ۽ ان پرين جهڙي خوبصورت شاعري جي ڇيچ پڪڙي وسيم پڪين جي اڏامن کان به اڳتي اُڪري سنڌ ديس جي واهڻ، وستين، ڳوٺن، شهرن، ندين، تلائن، ڍنڍن، پهاڙن، ٿر ڪاڇي، ڪوهستان، اتر، لاڙ ۽ وچولي جا اڻ ڳڻيا حسين منظر ڏسندو رهيو آهي. ديس جي حسن جي واڪاڻ ۽ فطرت جي گونا گون حسناڪين جي ڇٽ سالي وسيم جي شاعري به عام جام ملي ٿي... سندس اسلوب، هيئت ٻولي ۽ لهجو جداگانه ۽ ديس جي حسن ۽ واکاڻ جو فطرت جي حسناڪيءَ سال پرپور آهي جيئن :

ديس پنهنجو دل جي چوليءَ ۾ ڏسان،
خواب پنهنجا پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏسان.
تو ستارن کي ڏسين آڪاس تان،
مان ستارا تنهنجي جهوليءَ ۾ ڏسان.
ٻارڙي تي ننڊ جا سجدا ڏسي،
ماءُ جو تو پيار لولي ۾ ڏسان.

وسيم جون مٿيون سٽون اعليٰ تخيل سادي ۽ سلوٽي لهجي فني توڙي فڪري پختگي سان گڏ موسيقي جي رس ۾ ٻڏل آهن. جن کي پڙهي وسيم جي ذات جي سحر ۾ وڃائجي،گم ٿي وڃي ٿو. 'ديس کي دل جي چولي ۾ ڏسڻ' ۽ 'خوابن کي پنهنجي ٻولي ۾ ڏسڻ' وارو تصور وسيم سومري جي وسيع نظر مشاهدي ۽ قومي غيرت جو مظهر آهي. جيڪو هن ديس جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي.'' (معشوق ڏاريجو، 2022ع)

''ٻارڙي تي ننڊ جا سجدا ڏسي،
ماءُ جو تو پيار لولي ۾ ڏسان.

جهڙو امر ۾ ڪلاسڪ بند لکي وسيم نه رڳو سنڌي شاعري، سنڌي غزل ۾ جدت ۽ نواڻ جا رنگ پريا آهن پر ان سان گڏ وسيم پنهنجي ماءُ جي ٿڃ ۽ لولي به ملهائي آهي. جيڪا ٿڃ هن پنهنجي امڙ جي سدا ملوڪ ۽ ٻاجهاري تصوير بيڪ ٽائيٽل Back title تي ڏئي به ملهائي آهي. هو پيار جي ان معتبر جذبي لاءِ مبارڪن جو حقدار آهي، جيڪي مبارڪون هو "دل جون لهرون" جي خوبصورت شاعري ۽ ان جي ڇپائي تي به لهڻي :

ماءُ جو پيار ڪڏهن گهٽ ٿيو؟ ڪنهن کي به پنهنجو حال ٻڌايو، بار ڪي تي ٻڪن ۾ ڪٽي ڪيئن پيرا.

ماءُ جو پيار ٽڪجي نٿو اي وسيم!
ٻار ڪي تي ٻڪن ۾ ڪٽي ڪيئن پيرا.

جهڙي طرف ماءُ جو پيار ٽڪجي نٿو، اهڙي طرح هڪڙي سچي تخليقڪار جو پيار به نٿو ٽڪجي. وسيم جو شاعري سان ۽ شاعري جو وسيم سان اهڙو پيار آهي. جهڙو پيار سائين مرناجو اڪتاري سان ۽ اڪتاري جو سائين مرنا ۽ ان جي آڱرين سان هيو. اهو پيار ئي ته آهي جنهن جي آڌار تي وسيم لکي ٿو ته :

تو ڇڪيو ساهه کي آءُ ڇڪجي ويس

پرين ۽ سنڌ جي پيار جي ساهه کي ڏنل ڇڪ سان ڇڪجي هڪ لهر بي لهر ۾ ندي تي وڃڻ ئي سچي سگهاري ۽ جڳن تائين سلامت رهڻ واري شاعري آهي. وسيم جي غزلن جا هينيان چند بند، شعر وسيم جي شاعري جي سيني رنگن کي ڇٽو ڪرڻ سان گڏ سندس سگهاري شاعر هجڻ جي آگاهي پڻ ڏين ٿا جيئن :

"مان انڌن جي شهر ۾ وڪٽي اکيون،
جي نه سگهندس ذات ڏاهي ڪانسواءِ".
"سدا چوليون ٿهي چلندو رهي ٿو،
سمندر پاڻ ٿا سارو ته ناهي".
"ڇانو ٽالهين جي سو رستو ڳوٺ جو،
مان سنياريان ٿو گسن جو ذائقو".
"ڏماڪن ڏي به ٿي مرڪي نهاري،
لڳي ٿو قوم ٻوڙي آ اسان جي".
"اڄ به آڪاس تي اکيون منهنجيون،
اڄ به هينيون ڪلاس آ منهنجو".

وسيم سومري جي شاعري جا انيڪ پهلو، رنگ ۽ روپ آهن ۽ هر پهلو تي ڳالهائڻ لاءِ ڪوڙ سارو عرصو گهرجي، مون وسيم سومري جي شاعري کي ان اک سان ڏٺو آهي. جنهن اک سان ڇڪور چنڊ ڏانهن ڏسندو آهي.''
(معشوق ڏاريجو، 2022ع)

وسيم سومري جي شاعري نج پٽي سان پرپور ۽ فطرت کي تمام ويجهي آهي، سندس شاعريءَ جي انهيءَ زبردست خوبيءَ تي تاج جويو لکي ٿو ته، ''جديد سنڌي شاعريءَ جي اُپ جي ڪير - ڏارا Milky-way ۾ ڪيترا روشن ستارا موجود آهن. اُنهن ستارن ۾ جيڪي ستارا وڌيڪ روشن يا نمايان آهن، وسيم سومري جو شُمار اُنهن ۾ ٿئي ٿو. وسيم جي شاعري ۾ سندس شاعريءَ جي ٻولي فطرت کي بنهه ويجهي آهي، چو ته سندس شاعري ۽ ٻولي، ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪتي آهي ۽ اهو ڦوٽهڙو مصنوعي نه آهي، پر فطري ۽ نج آهي، مُنڊ ۾ ماحول مطابق آهي.'' (تاج، 2006ع)

وسيم سومري تقريبن سيني صنفن ۾ خوب ملهايو آهي، خاص ڪري غزل ۾. پر هائيڪو صنف ۾ هڪ انوکو تجربو ڪري، 'پاڻي' جي عنوان سان هائيڪو نظم (ڊگهو نظم) لکي ڪمال ڪيو آهي. جنهن سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جي سفر ۾ هڪ منفرد سجاڳپ بخش آهي. سندس انهيءَ شاعراڻي ڪمال بابت تاج جويو لکي ٿو ته، ''وسيم سنڌ جو اُهو ساڃهه وند شاعر آهي، جنهن پنهنجي طويل هائيڪو-نظم ۾ اُن "اباسين" ( سنڌ جي پيءُ )/ سنڌوءَ جي ڪٿا بيان ڪئي آهي، جيڪا هزارين صدين تي محيط آهي. اُها ڪٿا، 'ڇئن مندن جي پيار' جي ڪٿا آهي، اُها هڪ اهڙي

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

پاڻيءَ جي ڪٿا آهي، جيڪو "ڪيلاش" کان هيٺ وهندي هڪ اهڙي آڪاڻي ٻنجي پوي ٿو، جنهن ۾ اسان جي صدين جي تاريخ ۽ تهذيب جي اُٽت موجود آهي؛ جنهن سنڌوءَ جي ڪناري تي دنيا جو قديم ڪتاب رگويد سرجيو ويو، جنهن جي ڪنارن سان گوتم جي تعليمات جا زنده شاهڪار اڄ به موجود آهن. ۽ جيڪو "پاڻي"، " جيون جي ڪهاڻي" ۽ " جيون جي سمجهاڻي" آهي:

سنڌوءَ جو پاڻي-
چئن مندن جي پيار جي،
هڪڙي ڪهاڻي.

سنڌوءَ جو پاڻي،
هيٺ لٿو ڪيلاش کان،
ٿي پيو آڪاڻي.

سنڌوءَ جو پاڻي،
سندر آ رگويد جي،
رچنا پراڻي.

سنڌوءَ جو پاڻي،
گوتم جي وهنتل منجهس،
هڪ-يُگ ڪهاڻي!

سنڌ ۾ طويل نظم جا ٻه مکيه شاعر نياز همايوني ۽ خاڪي جويو آهن. " ساٿيهه جي ساک" نياز همايونيءَ جي شعري مجموعو، هڪ ئي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، نياز جا ٻيا به تمام طويل نظم موجود آهن. اهڙيءَ طرح خاڪيءَ جا ٻه شعري مجموعا طويل نظمن تي مشتمل آهن: هڪ " آزاد گهرجي وطن" ۽ ٻيو "آسڻ جن اريج" ايم. آر. ڊي جي شهيدن جي ڪهاڻي آهي. خاڪيءَ جو "آزاد گهرجي وطن" ڪتاب 140 بندن تي مشتمل نظم آهي، ۽ عجيب اتفاق آهي ته وسيم جو هيءُ نظم "پاڻي" پڻ 140 هائيڪو / بندن تي مشتمل آهي. سنڌيءَ ۾ مسلسل هائيڪا لکڻ جا تجربا شيخ اياز، آسي زمينيءَ ۽ وسيم ئي ڪيا آهن. مسلسل هائيڪن تي محيط نظم جو جوکم کڻڻ هر شاعر جي وس جي ڳالهه نه آهي، چو ته هيءُ هڪ اهڙو تجربو آهي، جنهن ۾ ڪاميابي / ناڪامي، ٻئي پلڙا پئجي سگهن ٿيون _ پر اها سچ پچ معجزاتي ڳالهه آهي ته شيخ اياز نه رڳو جديد سنڌي شاعريءَ جو جنم داتا آهي، پر هن سنڌي شاعريءَ جو سچ، هيئتي تجربن جا به وڏا جوکم کنيا آهن، ۽ هر هيئتي تجربي ۾ امر ڪاميابي به حاصل ڪئي آهي _ نتيجي طور اُهي تجربا نه رڳو سنڌي شاعريءَ جو دائمي انگ بنجي پيا آهن، پر سنڌي شاعريءَ جي سونهن جو ڪارڻ به بنيا آهن.

وسيم سومري لاءِ بلاشڪ اهو چئي سگهجي ٿو ته هُو اياز جي گلاب _ واسئين واٽ تان لنگهي، جڏهن مسلسل هائيڪا لکڻ جو تجربو ڪندي، انهن کي 140 بندن تي مشتمل نظم جو روپ ڏئي ٿو ته اهو نظم نه رڳو هڪ خوبصورت تجربو بڻجي ٿو، پر هائيڪو _ صنف ۾ هڪ اهڙو اضافو ٿئي ٿو، جنهن جي تتبع تي لکندي نوان شاعر فخر محسوس ڪندا.

وسيم جو هي هائيڪو نظم، سنڌوءَ جي نه رڳو تلسل سان ڪهاڻي بيان ڪري ٿو، پر اُن ۾ فڪري ۽ فني سونهن ۽ معني جا قول به ڪڙيل نظر اچن ٿا.

هن نظم لکندي، وسيم سنڌ جي سياسي، قومي، سماجي ۽ ادبي تاريخ جي امر ۽ ارڏن ڪردارن جي به ڪٿا بيان ڪئي آهي، جن جي ڪٿا پڻ سنڌوءَ جي ذڪر کان سواءِ الوڻي آهي، اڻپي آهي:

سنڌوءَ جو پاڻي،
جي، ايم، سيد جون اکيون،

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

جنمن ۾ آڪاٽي.

سنڌوءَ جو پاٽي،
جيئن ساڙهيءَ ۾ پوپٽي،
هيراننداٽي.

سنڌوءَ جو پاٽي،
اُن جي هڪڙي آ ڪتا،
ڪيرت باباٽي.

سنڌوءَ ڪهاٽي،
ڪيئن وساري ٿو سگهي،
هري موٽواٽي.

سنڌو، "جي. ايم. سيد جي اکين ۾ پاٽي" ، " جنمن جي آڪاٽي" آهي. سنڌوءَ جو پاٽي اهڙو اوجل، پوتر ۽ سُندر آهي، جهڙي ' ساڙهيءَ ۾ پوپٽي هيرانندانٽي ' سندر ۽ معزز لڳندي هئي. اهڙيءَ ريت ڪيرت باباڻيءَ جي ڪتا بہ سنڌوءَ سان سلهاڙيل آهي، جنهن جي سنڌ دوستي، ورهاڱي وقت پاڪستاني حاڪمن جي اک ۾ ڪنڊو ٿي چڀندي هئي، ڪيس سرڪاري حڪمنامي ذريعي مجبور ڪيو ويو تہ سنڌو ـ ساگر ڪان هندي ڏي جلاوطن ٿي هليو وڃي. سندس 58 سال جلاوطني ' سنڌوءَ جو قضيو ' آهي. هري موٽواڻي تہ ورهاڱي ڪان اڳ هردوار گهمڻ ويو هو ۽ ورهاڱو ٿيڻ ڪري تاريخ جو ڦاٽڪ بند ٿي ويو ۽ هري موٽواڻي ڏهاڪن جا ڏهاڪا سال سنڌ ۽ سنڌو ڏسڻ لاءِ لُڇندو ۽ تڙپندو رهيو. اهڙيءَ ريت ريٽا شهاڻي ستن سالن جي عمر ۾ مائٽن سان گڏ سنڌ ڪان وڇڙي هند وئي هئي ۽ 54 سالن ڪان پوءِ سنڌ ڏسڻ آئي تہ سنڌوءَ ۾ واري پئي اُڏاڻي ـ سنڌوءَ جي اِنهي حال کي وسيم ڪيڏي نہ ڪرب سان هائيڪو ـ نظم ۾ بيان ڪيو آهي:

سنڌوءَ جو پاٽي،
ڏسڻ آئي سنڌ ۾،
ريٽا شهاٽي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
هاٽي آ جڻ مارئي،
بند ۾ بندياٽي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
ڪڏهن تہ ٻُڌندو سمنڊ هو،
اُن جي وراٽي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
سڏ سٽڻ لئہ ڪوٽڙيءَ،
واري پئي چاٽي!

سنڌو، جيڪو ٺٽي ضلعي ۾ سنڌو ساگر ۾ چوڙ وڃي ڪندو هو ۽ سندس سنڌو ساگر سان ميلاپ وڏي آواز ٿيندو هو، اُن ۾ ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ واري پئي اُڏامي ۽ اُن واريءَ اُڏامڻ واري وارتا بيان ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ساجھ وند نياڻي، زيب نظاماڻيءَ گهٽين ۾ ۽ پريس ڪلبن آڏو، ننڍڙن ٻارڙن سان گڏجي "گهٽي ناٽڪ (Street theatres) "ڪيڏي ،چٽن ۾ مٽي وجهي، سنڌوءَ جو قضيو بيان ڪري، سنڌ جي پُٽن کي جاڳائي رهي آهي:

سنڌوءَ جو پاٽي،
"واري واري" پئي ڪري،

زيب نظاماڻي!

وسيم 'سنڌوءَ جي ڪهاڻي' بيان ڪندي، سنڌ جي امر ۽ معرف ڪردارن سان گڏ عوامي ڪردارن کي ٻه هن تاريخ ۾ وڏي قضيي جو ڪردار بنائي ڇڏيو آهي:

امان حاجاڻي!

زم زم پي، ڇو پئي پُڇين؟

سنڌوءَ جو پاڻي!

سنڌوءَ جو پاڻي،

منهنجي اکين جيترو!

سوچي تي سياڻي!

سنڌوءَ جو پاڻي،

ميري پوتيءَ ۾ ڏسي،

پيئي ڪنياڻي!

مٿيان بند / هائيڪا عوامي ڪردار _ "امان حاجاڻي "،" سياڻي " ۽ " ڪنياڻيءَ " جي روپ ۾ جيڪا درد _ ڪهاڻي بيان ڪن ٿا، اُن جو ڪرب ۽ ان جي پيڙا، جنهن فني / ڪلاتمڪ ( Artistic ) اندر ۾ وسيم پيش ڪئي آهي، ڪمال جي آهي!

'امان حاجاڻي' مذهبي فريضي ادا ڪندي 'زم زم ' جي پاڪ پاڻيءَ پيئندي ٻه پاڻي پئي ياد ڪري _ هڪ عام عورت سياڻي، سوچي تي ته سنڌوءَ ۾ منهنجي اکين جيترو پاڻي ٻه بچيو آهي يا نه؟ ۽ ڪنياڻي، پنهنجي ميريءَ پوتيءَ ڏي ڏسي رهي آهي، جيڪا سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان ڌوپندي هئي، پر هن وقت اها ميري پوتي ڌوئڻ لاءِ ٻه وٽس پاڻي نه آهي. اهڙو ڪلاتمڪ انداز سچ پچ جسم مان درڙيوڌ ڪيي ڇڏي ٿو. هي ڪرب جو اظهار ڪندڙ سٿون، ڪربلا جو نقشو پيش ڪندڙ سٿون، ساڳئي وقت لفظي جماليات ۽ آرٽسٽڪ اسلوب جو نادر نمونو آهن. جيئن لطيف، ڪيڏاري ۾ رزميه داستان ۽ الميه ( Tragedy ) ۾ ٻه جماليت جون جهلڪيون پسايون آهن، ائين هن " سنڌوءَ جي ڪيڏاري" جي ٻولي، ٻوليءَ جي حسناڪيءَ ۽ جماليت جو خوبصورت اظهار آهي:

سنڌوءَ جو پاڻي،

چولي، چاندوڪيءَ جي،

ٻولي ٻاٻاڻي!

وسيم سومري جو هيءَ طويل هائيڪو - نظم جديد شاعريءَ ۾ " سنڌو درياهه جي ڪيڏاري" ۽ سنڌوءَ تي رٿيل ڊئمن ۽ ڪئنالن - ڪالاباغ ڊئم، ٿل ڪئنال وغيره خلاف سنڌي ماڻهن جي مزاحمتي تحريڪ جي علامت طور ادبي تاريخ ۾ زنده رهندو.'' (تاج، 2006)

امداد حسيني لکي ٿو ته، "پاڻي" وسيم سومري جو هائڪو نظم آهي، جيئن هن پاڻ ٻه لکيو آهي، بلڪ هن اُن کي هائڪو نظم ڪري ئي لکيو آهي. ايئن هن هڪ شعوري تجربو ڪيو آهي. اها ئي هن نظم جي خوبي ٻه آهي خامي ٻه. خوبي ان ڪري ته هن تجربي جو ساهس ڪيو آهي. خامي اب ڪري ته هُن شعوري طور ان کي پوءِ نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان نظم ۾ مُک سِٽ "سنڌوءَ جو پاڻي" 140 ڀيرا ورجائجي ٿي. مان ايئن نه ٿو چوان ته اها ئي سٽ هجي ها ۽ وچ ۾ ٻيو مواد هجي ها ته آ هو نظم ڪيئن لڳي ها ! ظاهر آهي ته شاعر جي سوچ مختلف آهي. هن ڪي جيڪو گهاڙيٽو ( Formate ) آڏيو آهي، ان کي ئي هن اڳتي وڌايو آهي ۽ 140 هائيڪو لکي ويو آهي. هونئن مسلسل هائيڪا اسان کي ٻين شاعرن وٽ ٻه ملن ٿا پر ان تجربي جي انفراديت آهي ۽ اهو شايد پهريون هائڪو نظم آهي سنڌي شاعريءَ ۾ ! اسين ان نظم تي ٻن حوالي سان ڳالهائي سگهون ٿا:

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

1. موضوع، ۽ 2. گهاڙيٽو.

موضوع تہ ان جو " پاٽي " آهي "سنڌوءَ جو-پاٽي" جيکو، هڪ راڪشس / راڪاس پي ويو آهي، ۽ سنڌوءَ ۾ واري پئي اُڏامي Echolgy System .تباهہ ٿي چڪو آهي. ڪشمور کان ڪارو چاڻ تائين جيوت Life موت جو ٻک ٿي چڪي آهي / ٿي رهي آهي. جنرل ايوب خان جي آمريت ۾ جڏهن هن ملڪ جا ٽي درياهہ پارت کي وڪيا ويا ۽ ورلڊ بئنڪ، ملڪ سان انهيءَ غداريءَ عيوض تربيلا ڊيم لاءِ ڏوڪڙ ڏنا، تڏهن بہ اها ئي لاڦ هنئي وئي تہ سنڌ کي چيٽ جو پاٽي تربيلا مان ڏنو ويندو. جڏهن تہ اهي وڪرو ڪيل ٽي نديون سنڌوءَ کي پرتي ڪنڌڙ نديون هيون! هاڻي تہ خود پنج-آب ( پنجاب ) انهن ٽن ندين کان سواءِ بہ آب تي ويو آهي! هاڻي تہ اقتداري ٽولو "سنڌو" تي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻيا ڊيم ناهي سڄي سنڌ کي رڻ پٽ بڻائڻ ۽ پختونستان ( سرحد ) کي ٻوڙڻ ٿو گهري! ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن ملڪ جي پلائيءَ ۽ ترقيءَ جي نعري هيٺ ڪيو پيو وڃي!

تغوبر تو اي چرخ گردان تغو!

انهيءَ اهم موضوع تي لکيل هي نظم " پاٽي موضوع تي جيڪا بہ شاعري ڪئي وئي آهي اُن ۾ هن نظم جي هڪ خاص اهميت آهي:

سنڌوءَ جو پاٽي
شال! سندس موجون ڏسي،
مُرڪي مياٽي!

پاٽي هائيڪو نظم ۾ ڪردار / نالا بہ آهن، جن مان ڪجهہ قافئي طور بہ آيا آهن:

سنڌوءَ جو پاٽي،
جيئن ساڙهيءَ ۾ پوپٽي،
هيرا ننداٽي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
سينڌ سنواريل سُندري،
اُتم چنداٽي!

اهي ڪردار / نالا محض طور بہ نہ آيا آهن، جو تہ ڪجهہ نالا / ڪردار قافيو نہ هوندي بہ آيا آهن. هوئن بہ هائيڪو جي ٽن سٽن ۾ بہ قافيا گهربل آهن، پر هنن هائيڪن ۾ هڪ قافيو ئي گهربل آهي، جو تہ متين / پهرين سٽ " سنڌوءَ ۾ پاٽي " ورجائجي ٿي. قافيو جتي سِٽ ۾ سُونهن پيدا ڪري ٿو، اُتي ڪڏهن ڪڏهن محض قافيي بازيءَ واري ڏِک بہ ڏئي ٿو:

سنڌوءَ جو پاٽي،
چا روڪي پنجاب ڪئي،
ناهي ٻاراٽي؟

جڏهن تہ اها " ٻاراٽي" نہ پر هڪ گهري سازش آهي. هن پوري سنڌو ماٿر کي تباهہ ڪرڻ جي سازش! منو پاٽي روڪي، گدلي/ زهريلي پاٽيءَ کي سمنڊ تائين پهچائڻ جي سازش! آبي توڙي خشڪيءَ جي جيوت، ماحوليات کي تباهہ ڪرڻ جي سازش-سنڌ ساگر کي بہ گدلي ڪرڻ جي سازش! مون ان نظم جي قافين، بلڪ ڪردارن / نالن بابت پئي ڪجهہ چيو، انهن ڪردارن / نالن ۾ ڪي ڪردار / نالا تاريخي / ادبي / سياسي حوالي سان آهن:

سنڌوءَ جو پاٽي،
ڪڏهن تہ گجنڌڙ شيهُن هو،
هيمون ڪالاٽي.

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

سنڌوءَ جو پاڻي،
ڏسڻ آئي سنڌ ۾،
ريتا شهاڻي!

جي ڪردار / نالا عوامي / ذاتي حواليِ سان بہ آهن، هر ڪردار / نالي آڏو هن حوالي سان انگ بہ ڏنا آهن پر وسيم مون کي رڳو نظم جو متن ئي ڏنو، ان ڪري انهن ڪردارن تي چاهيندي بہ ڳالهائڻ سنو نٿو لڳي. وسيم کان " هوشو قمبراڻي" جهڙو ڪردار / نالو وسري ويو آهي، جيڪو هڪ نهيل نڪيل قافيو پڻ آهي

ان ڏس ۾ يعني ڪردارن / نالن جي ڏس ۾ ايترو ضرور چوندس تہ انهن ۾ ڪجهہ ڪردار آهن صرف، تہ ڪي نالا آهن ۽ ڪي اهڃاڻ بہ آهن، سڀ کان پهرين ته " سنڌو " ان ۾ نالو بہ آهي تہ ڪردار بہ آهي تہ اهڃاڻ بہ آهي

سنڌوءَ جو پاڻي،
ڪڏهن ٻڏندو سمنڊ هو،
اُن جي وراڻي!

جيوت جا ۽ چيڙا سنڌو ۽ سمنڊ سمنڊ ۽ ٻنهي جو وچ / وهڪرو / سلسلو / سُهڻد " پاڻي" جيڪو ويدن جي واڻي آهي. سنڌو بهشت مان نڪرندڙ هڪ درياهہ " سيحون"! درياهن جو پيءُ "اباسين "! شينهن درياهہ " سنڌو"! اڄ سُڪو پيو آهي! چو تہ انهيءَ ۾ واري پئي اڏامي! اهو موج پريو "مهراڻ" اهو "سنڌو" اڄ سُڪو پيو آهي! چو تہ حڪمرانن جي اک جو - ڪاڻي اک جو پاڻي سُڪي چڪو آهي پر ساتياڻيءَ جي سوچ اڃا بہ سائي آهيسُڪي ناهي، شايد ان ڪري جو ان جي اکين جو پاڻي اڃا سُڪو ناهي!

سنڌوءَ جو پاڻي،
پئي پلا رڃ ۾،
سوچي ساتياڻي!

وسيم کي هائيڪو لکڻ / چوڻ جو ڏانءُ آهي، يا اڃا بہ ايئن چوان تہ ان جو گهاڙيٽو هن جي آنڻ تي چڙهيل آهي. سندس هن هائيڪو نظم "پاڻي" مشن ثابت ٿئي ٿو تہ هن اکين جو پاڻي اڃا سُڪو نہ آهي:

امان حاجاڻي،
زم زم پي چو پئي پڇين،
سنڌوءَ جو پاڻي!

"پاڻي" هڪ وقتائتو، اثرائتو، ۽ گهرو نظم آهي تہ سڳين، چوڙين، نڪ جي ڪوڪي، سَڪيءَ، جانان...... کان اڳتي بہ هڪ جهان آهي. سنڌي ٻوليءَ، ساهت، سيپتا، سنڌي ماڻهن ۽ مجموعي طور تي سنڌ کي انتهائي ڳنڀير مسئلا درپيش آهن، جيڪي زندگي ۽ موت جا مسئلا آهن، سنڌ انيڪ خطرن ۾ گهيريل آهي.

ان ڪري سنڌ جي شاعرن جي ذميواري بہ وڌي وڃي ٿي، ان ڪري بہ شاعرن کي پنهنجين اکين جو پاڻي سُڪڻ نہ ڏيڻ گهرجي، هيسايل، دبڙائيل پنهنجن پراون هٿان ڦُريل، لُٽيل، ماريل ماڻهن / عوام جو واهر وسيلو ٿيڻ گهرجي، ۽ اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌوءَ آهي تہ سنڌ آهي،

سنڌ آهي تہ اسين آهيون،
سنڌ جي ڳالهہ ڪريو،
ڳالهہ نہ بي ٻُڌنداسين!'' (امداد، 2006ع)

وسيم سومري جي شاعري ۾ صرف رومانيت ۽ جماليات ئي ناهي، بلڪ ڌرتيءَ جو درد بہ شديد آهي، هارين پورهيتن جون اندر جون تڪليفون ۽ آهون بہ آهن. چو تہ''شاعري ڪردار جي ڪيفيتن جو اظهار آهي. ڪيفيتون

ISSN Online: 2709-7625
ISSN Print: 2709-7617
Vol.6 No.4 2023

پرايون هوندي بہ پنهنجون هونديون آهن، تڏهن تہ اظهار شدت سان ڪري سگهبو آهي. شاعر پراين ڪيفيتن ۾ ايئن ڪڙهندا آهن، جڻ ڪيفيتون سندن پنهنجون هجن.'' (پيرزادو، 2023ع)

اهي اڏما ڪي مصنوعي نہ هوندا آهن، اهي اندر اڌ ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي ڪيفيت ڪا عام رواجي نہ هوندي آهي، ڪمال ناهي تہ ڪنهن جي پيڙا ايتري شدت سان محسوس ڪجي جيتري اهو بہ نہ ڪري، جيڪو ان عذاب مان گذرندو پيو آهي، پر شاعر نہ صرف محسوس ڪري ٿو بلڪ ڀوڳي بہ ٿو.''شاعريءَ جي تخليق ڪو عام رواجي لقاءُ ناهي، اها ڪنهن مهل موقعي جي مُحتاج ناهي هوندي. ان جو ظهر ڪنهن وقت بہ ٿي سگهي ٿو. ڪوبہ ماڻهو ڪوشش ڪرڻ سان شاعر، موسيقار يا مُصور نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪو واقعي تخليقڪار آهي، تہ ذات هُن جي اندر ۾ موجود هوندي آهي، ۽ هُن جي تڙپ ۽ بيچيني اُن کي ڪنهن بہ مهل پڌرو ڪري سگهي ٿي.''(ادل سومرو، 2023ع)

شاعري جو سنئون سڌو ۽ اثرائتو سماجي ڪارج آهي،''شاعريءَ جو تعلق سڌو سماج سان آهي، ڇوتہ شاعري زندگيءَ جو فليش بئڪ (Flash Back) آهي. زندگي سماج جي محتاج آهي، لاچار آهي، ۽ سماج ۾ جڪڙيل آهي.''(پيرزادو، 2023ع)

اهي ئي شاعر عظمت جي بلندين کي ڇهن ٿا جيڪي ڌرتيءَ جي دل ۾ رهن ٿا. ۽ ڌرتيءَ جو درد ڀوڳين ٿا. ''وسيم جي دل جو درد، اڪيلي شاعر جو، پنهنجي اندر جو خالص داخلي درد ڪونہ آهي، اهو سنڌ جي سماج جو درد آهي، تہ عوام ۽ قوم جو درد آهي.'' (خاڪي، 2001ع، ص، 173)

وسيم سومرو سنڌي ٻوليءَ جو معتبر شاعر، جنهن نہ صرف پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي. بلڪ هن پنهنجي فني ڪمال سان انسان جي اندر جي جذبن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي ۽ پنهنجي فڪر ذريعي ڌرتيءَ جي زخمن تي مرهم پڻ لڳايو آهي.

حوالا:

1. ابڙو، طارق عالم، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
2. ارباب، مصطفيٰ، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
3. امير، وشال، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
4. پيرزادو، رحمت، ڪٽپر، نويده، ڊاڪٽر، 'تو ڪان- تو تائين'، ڪل خوشي ۽ ٿڪ (تاثرات) ، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
5. جويو، خاڪي، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
6. حسيني، امداد، 'پاٽي(طويل هائيڪو نظم)' (مهاڳ)، امرتا پبليڪيشنز حيدرآباد، 2006ع
7. حسيني، نثار، وسيم سومري سان نواب شاهہ ۾ 19،10،1989 تي، ملهايل شام جي موقعي لاءِ لکيل ۽ پڙهيل مضمون.
8. ڏاريجو، معشوق، ' ڪاتِبَ ! لِکين جيئن'، سنڌ ادبي سنگت شاخ قائد عوام يونيورسٽي نواب شاهہ پاران وسيم سومري جي شعري مجموعي "دل جون لهرون" جو مهورت واري پروگرام ۾ ونديل ويچار ۽ هلال پاڪستان جي ادبي صفحي سرجڻهار ۾ هفتيوار ڪالم سنڌ سموري سون ۾ ڇپيل، اربع 6 اپريل 2022ع
9. سومرو، ادل، ڪٽپر، نويده، ڊاڪٽر، 'تو ڪان- تو تائين' (مهاڳ)، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
10. سومرو وسيم، پاٽي(طويل هائيڪو نظم)، امرتا پبليڪيشنز حيدرآباد، 2006ع
11. ضياء، احمد، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
12. نوناري، فهيم، سومرو، وسيم، 'دل جون لهرون'، وينگس پبليڪيشن، خيرپور، 2001ع
13. https://www.encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=وسيم سومرو